# آسمانی مرد



# آسماني مدد

آسماني مدد جو هي ننڍڙو ڪتاب بائيبل مقدس جي چونڊ آيتن جو مجموعو آهي. پر بائيبل مقدس خود هڪ بهترين ڪتاب آهي. جيڪو اسان کي خدا جي طرفان عنايت ڪيو ويو آهي.

خدا جو الهامي ڪلام انهن سڀني جي لاءِ ضروري آهي. جيڪي انسان گناهن کان توبه ڪري، خداوند عيسيٰ مسيح تي ايمان آڻي هن کي پنهنجو خداوند ۽ منجي ڪري مڃين ٿا، ۽ راستبازي جا اُڃايل ۽ بکايل آهن، خداوند مسيح انهن جي دلين کي پنهنجي اطمينان ۽ خوشي سان ڀرپور ڪري ٿو. مون کي هن ڳالهه جو تجربو ١٩٣٧ع ۾ ٿيو. هن شاندار رفاقت جو سلسلو خداوند سان اڄ ڏينهن تائين چالو آهي.

منهنجي اوهان کي درخواست آهي ته، جيڪڏهن توهان پنهنجو پاڻ کي اڃا تائين خداوند جي حوالي نه ڪيو آهي. ته هاڻي ئي پاڻ کي خداوند جي اختيار ۽ قبضي ۾ ڏئي ڇڏيو.

[ واٽسن گڊمين ]

---

All scriptures are taken from the Sindhi Bible with permission from the Bible Society of India.

# خدا جو پيار

ڇالاءِ جو خدا دنيا سان ايترو ته پيار ڪيو جو هن پنهنجو هڪڙو ئي فرزند ڏنو ته جيڪو به مٿس ايمان آڻي سو برباد نه ٿئي پر ڪيس دائمي زندگي ملي. [يوحنا ٣ : ١٦]

خدا اسان سان پنهنجو پيار انهيءَ مان ثابت ٿو ڪري، جو جڏهن اسين اڃا گنهگار ئي هئاسين ته مسيح اسان جي لاءِ مئو. [رومين ٥ : ٨]

عيد فسح کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ عيسيٰ کي خبر پيئي ته اها گهڙي اچي ويئي آهي جو آءٌ هيءَ دنيا ڇڏي پيءُ ڏانهن ويندس. جيڪي هن دنيا ۾ هيس تن سان هميشه پيار ڪندو هو ۽ اهو پيار آخري ڏينهن تائين ڪندو آيو. [يوحنا ١٣ : ١]

خدا سچو آهي، جنهن اوهان کي پنهنجي فرزند، اسان جي خداوند عيسيٰ مسيح سان شريڪ ٿيڻ لاءِ سڏيو آهي. [١- ڪرنٿين ١ : ٩]

خداوند قديم وقت کان مون کي ڏيکاري ڏئي چيو ته هائو، مون دائمي محبت سان توکي پيار ڪيو آهي: تنهنڪري رحمت سان توکي ڇڪيو اٿم. [يرمياه ٣١ : ٣]

# عيسيٰ مسيح خداوند

بيشڪ دينداريءَ جو راز وڏو آهي، (آهو هي آهي) ته هو جسم ۾ ظاهر ٿيو ۽ روح ۾ راستباز ثابت ٿيو ۽ ملائڪن کي ڏسڻ ۾ آيو، قومن ۾ سندس منادي ڪئي ويئي، دنيا ۾ مٿس ايمان آندائون، جلال ۾ مٿي کڄي ويو.
[۱- تيمٿيس ۳ : ۱۶]

عيسيٰ چيس ته اي فلپس، هيترو وقت آءٌ اوهان سان هوس ته به اوهين مون کي نه ٿا سڃاڻو؟ جنهن به مون کي ڏٺو آهي، تنهن پيءُ کي ڏٺو آهي. پوءِ تون ڪيئن ٿو چوين ته اسان کي پيءُ ڏيکار؟ ڇا توکي يقين نه آهي ته آءٌ پيءُ ۾ آهيان ۽ پيءُ مون ۾ آهي؟ جيڪي ڳالهيون آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو سي پاڻهوئي ڪين ٿو ٻڌايان، پر پيءُ جيڪو مون ۾ رهي ٿو سو پنهنجا ڪم پاڻ ڪري ٿو.
[يوحنا ۱۴ : ۹-۱۰]

اهي سڀ ڳالهيون انهيءَ ڪري پوريون ٿيون، ڇالاءِ جو خداوند پنهنجي نبيءَ کان چوايو هو ته: ڏسو هڪڙي ڪنواري پيٽ سان ٿيندي ۽ ڪيس پٽ ڄمندو جنهن کي عمانوئيل سڏيندا جنهن جي معنيٰ آهي خدا اسان سان.
[متي ۱ : ۲۲-۲۳]

# عيسيٰ مسيح خدا جو فرزند

## (روحاني فرزند)

ملائڪ وراڻيس (بيبي مريم کي) تہ پاڪ روح تو تي نازل ٿيندو ۽ خدا تعاليٰ جي قدرت تو مٿان ڇانوَ ڪندي، انهيءَ ڪري تہ پاڪ ٻار خدا جو فرزند ڪري سڏبو۔
[لوقا ١ : ٣٥]

اڃا هو ڳالهائي ئي پيو تہ هڪ اڇي ڪڪر اچي مٿن ڇانوَ ڪئي ۽ ڪڪر مان آواز آيو تہ هي منهنجو پيارو فرزند آهي ۽ هن مان آءٌ گهڻو خوش آهيان۔ اوهين هن جي ڳالهہ ٻڌو۔ [متي ١٧ : ٥]

ڇالاءِ جو الوهيت جي ساري معموري مجسم طور منجهس ٿي رهي، ۽ انهيءَ ۾ اوهين معمور ڪيا ويا آهيو، جو ساريءَ حڪومت ۽ اختيار جو سر آهي۔ [ڪلسين ٢ : ٩-١٠]

ڇالاءِ جو اسان کي هڪڙو ٻار ڄائو آهي، اسان کي هڪڙو پٽ ڏنو ويو آهي ۽ حڪومت انهيءَ جي ڪلهن تي هوندي۔ ۽ انهيءَ جو نالو عجيب مشير، قادر خدا، دائم قائم ابو، ۽ سلامتيءَ جو شهزادو رکيو ويندو۔ [يسعياه ٩ : ٦]

# عيسيٰ مسيح اسان کي ٻڌايو ته آءٌ ڪير آهيان

عيسيٰ کيس چيو ته آءٌ قيامت ۽ زندگي آهيان. جيڪو به مون تي ايمان آڻي ٿو سو جيتوڻيڪ مري وڃي ته به زنده رهندو. [يوحنا ١١ : ٢٥]

عيسيٰ ورائيو ته آءٌ اوهان کي سچ ٿو چوان ته ابراهيم جي ڄمڻ کان به آءٌ اڳي آهيان [يوحنا ٨ : ٥٨]

اوهين مون کي استاد ۽ خداوند ڪري ٿا سڏيو، سو برابر آهي ڇاڪاڻ ته آءٌ اهو ئي آهيان. [يوحنا ١٣ : ١٣]

عيسيٰ انهن کي چيو ته زندگيءَ جي ماني آءٌ آهيان. جيڪو مون وٽ ٿو اچي تنهن کي وري ڪڏهن به بک نه لڳندي ۽ جيڪو مون تي ايمان آڻي ٿو تنهن کي ڪڏهن به اُڃ نه لڳندي. [يوحنا ٦ : ٣٥]

عيسيٰ وري چيو ته آءٌ اوهان کي سچ ٿو ٻڌايان ته رڍن جو دروازو آءٌ آهيان. [يوحنا ١٠ : ٧]

**عيسيٰ ورائيو ته اوهين هيٺ جا آهيو پر آءٌ مٿان آيو آهيان. اوهين هن دنيا جا آهيو پر آءٌ هن دنيا جو نه آهيان.** [يوحنا ٨ : ٢٣]

جيستائين آءٌ دنيا ۾ آهيان ته آءٌ دنيا جي روشني آهيان. [يوحنا ٩ : ٥]

# مسيح جا ڪجهه معجزا

جڏهن (مسيح) گليل جي ڍنڍ جي ڪناري تي هو، تڏهن ان شمعون کي چيائين ته ڪناري کان پري وڃ ۽ مڇين جي شڪار لاءِ پنهنجا ڄار وجهه. تنهن تي شمعون ورندي ڏيندي چيس ته سائين اسان سڄي رات محنت ڪئي آهي پر ڪجهه به هٿ نه آيو آهي، پر جيڪڏهن اوهين چئو ٿا ته ڄار وجهرايان ٿو. انهن ڄار وڌا ته ايتريون مڇيون اچي ڦاٿيون جو ڄار ڦاٽڻ لڳا. [لوقا ۵: ۴-۶]

ماڻهن کي چيائين ته گاهه تي ويهي رهو. هن پنج مانيون ۽ ٻه مڇيون کڻي آسمان ڏانهن نهاريو ۽ انهن ۾ برڪت گهريائين. هن مانيون ڀڃي شاگردن کي ڏنيون ۽ شاگرد اهي ماڻهن کي ڏيندا ويا. سڀني کائي ڍءُ ڪيو، پوءِ جيڪي ٽڪر بچيا تن مان شاگردن ٻارهن ٽوڪريون ڀري کنيون. جن کاڌو تن جو تعداد عورتن ۽ ٻارن کان سواءِ اٽڪل پنج هزار کن هو. [متي ۱۴: ۱۹-۲۱]

ٻه انڌا جيڪي رستي جي ڀر ۾ ويٺا هئا تن جڏهن ٻڌو ته عيسيٰ لنگهي رهيو آهي، تڏهن هنن رڙ ڪري چيو ته اي سائين، ابن دائود، اسان تي رحم ڪريو.

عيسيٰ کي انهن تي رحم اچي ويو سو سندن اکين تي هٿ لاتائين ته هڪدم اهي ڏسڻ وائسڻ لڳا. پوءِ اهي به سندس پٺيان هلڻ لڳا. [متي ۲۰: ۳۰ ۽ ۳۴]

# عيسيٰ مسيح، خالق ۽ خداوند

چالاءِ جو انهيءَ ۾ سڀڪجهه پيدا ڪيو ويو، جهڙو آسمان ۾ تهڙو زمين تي، جيڪي ڏسجي ٿو ۽ جيڪي نٿو ڏسجي، تخت توڙي حڪومتون، رياستون، توڙي طاقتون، سڀڪجهه انهي جي وسيلي ۽ انهي جي لاءِ پيدا ٿيو آهي. ۽ اِهو ئي سڀني شين کان اڳي آهي، ۽ انهي ۾ سڀ شيون قائم آهن. [ڪلسين ١ : ١٥-١٦]

مسيح انهيءَ لاءِ مئو ۽ وري جيئرو ٿي اُٿيو ته جيئن هو مئلن توڙي جيئرن ٻنهي جو خداوند ٿئي.
[رومين ١٤ : ٩]

هاڻي هن زماني جي پڇاڙيءَ ۾ اسان سان فرزند جي معرفت ڪلام ڪيو اٿس. جنهن کي هن سڀني شين جو وارث مقرر ڪيو ۽ جنهن جي وسيلي هن جهان به پيدا ڪيا.
[عبراني ١ : ٢]

سڀيئي شيون هن جي وسيلي پيدا ٿيون آهن ۽ جيڪا به شيءِ پيدا ٿي آهي سا هن کان سواءِ نه بڻائي ويئي آهي.
[يوحنا ١ : ٣]

اي اسرائيلي قوم، پڪ ڄاڻو ته خدا انهيءَ عيسيٰ کي، جنهن کي اوهان صليب تي چاڙهي ڪوڪا هنيا، خداوند ۽ مسيح به ڪيو آهي. [رسولن جا ڪم ٢ : ٣٦]

# عيسيٰ مسيح دنيا جو عادل

تون پنهنجي ڀاءُ تي تهمت ڇو ٿو هڻين؟ يا وري پنهنجي ڀاءُ کي گهٽ ڇو ٿو سمجهين؟ ڇالاءِ جو اسين سڀ خدا جي اڳيان حاضر ٿينداسين ۽ اهو ئي فيصلو ڪندو.

[رومين ١٤ : ١٠]

پيءُ پاڻ ڪنهن جو به فيصلو نه ٿو ڪري پر هن پنهنجي فرزند کي فيصلي ڪرڻ جو پورو اختيار ڏيئي ڇڏيو آهي.

[يوحنا ٥ : ٢٢]

هن اسان کي حڪم ڏنو ته ماڻهن ۾ تبليغ ڪريو ۽ شاهدي ڏيو ته هي اهو آهي جنهن کي خدا مئلن ۽ جيئرن جو انصاف ڪندڙ ڪري مقرر ڪيو آهي.

[رسولن جا ڪم ١٠ : ٤٢]

آءٌ خدا ۽ عيسيٰ مسيح جي اڳيان توکي تاڪيد ٿو ڪريان جو جيئرن ۽ مئلن جي عدالت ڪندو، ۽ سندس ظهور ۽ سندس بادشاهت جي يادگيري ڏياري ٿو چوان.

[٢- تيمٿيس ٤ : ١]

۽ سڀني قومن جا ماڻهو سندس اڳيان حاضر ٿيندا. پوءِ هو انهن کي ٻن ٽولن ۾ ورهائيندو، جيئن ريڍار پنهنجي ڌڻ مان رڍن کي ٻڪرين کان ڌار ڪندو آهي. [متي ٢٥ : ٣٢]

# مخلصي عيسيٰ مسيح جي وسيلي

آءٌ اهو در آهيان ۽ جيڪو بہ مون مان اندر گهڙندو سو بچي ويندو. هو اندر ٻاهر ايندو ويندو ۽ گاه بہ ملندس.
[يوحنا ١٠ : ٩]

عيسيٰ کيس ورائيو تہ رستو، سچ ۽ زندگي آءٌ آهيان. منهنجي وسيلي کان سواءِ ڪوبہ پيءُ ڏانهن پهچي نہ ٿو سگهي.
[يوحنا ١٤ : ٦]

ڪامل بڻجي پنهنجن سڀني فرمانبردارن لاءِ ابدي نجات جو باني ٿيو. [عبراني ٥ : ٩]

تنهنڪري جيڪي سندس وسيلي خدا جي ويجهو ٿا وڃن تن کي هو پوري پوري طرح بچائي ٿو سگهي، ڇو جو هو سندن شفاعت لاءِ هميشہ جيئرو آهي. [عبراني ٧ : ٢٥]

هڪڙو نئون راڳ ڳائڻ لڳا، تہ تون انهي ڪتاب وٺڻ ۽ انهي جي مهرن کولڻ جي لائق آهين. ڇالاءِ جو تون ڪٺو ويو هئين ۽ سڀڪنهن قبيلي، ۽ ٻوليءَ ۽ اُمت ۽ قوم جي ماڻهن کي پنهنجي رت سان تو ملهہ ورتو آهي.
[مڪاشفو ٥ : ٩]

ڪنهن بہ ٻئي جي هٿ ۾ ڇوٽڪارو نہ آهي، ڇالاءِ جو آسمان جي هيٺيان ماڻهن کي ٻيو ڪوبہ نالو ڏنل ڪونهي جنهن جي وسيلي اسان کي ڇوٽڪارو ملي.
[رسولن جا ڪم ٤ : ١٢]

# مخلصي عيسيٰ مسيح جي وسيلي

پيءُ جا شڪرانا ڪندا رهو، جنهن اسان کي انهيءَ لائق ڪيو ته روشنيءَ ۾ پاڪ ٽيلن سان گڏ ورثي جا حصيدار ٿيون. ۽ هن اسان کي اونداهيءَ جي ڇنبي مان ڇڏائي پنهنجي پياري فرزند جي بادشاهي ۾ آندو. جنهن ۾ اسان کي نجات، يعني پنهنجي گناهن کان معافي مليل آهي. [ڪلسين ١ : ١٢–١٤]

جنهن پاڻ کي اسان جي واسطي قربان ڪيو، ته اسان کي هر قسم جي بيدينيءَ کان ڇڏائي ۽ پاڪ ڪري پنهنجي خاص ملڪيت لاءِ هڪڙي اهڙي اُمت بنائي، جا نيڪ ڪمن ۾ سرگرم هجي. [ططس ٢ : ١٤]

ابن آدم انهن کي ڳولڻ ۽ بچائڻ آيو آهي جيڪي گمراه ٿي ويا آهن. [لوقا ١٩ : ١٠]

آهو ٿي اوهان جو مسيح عيسيٰ ۾ اصل آهي، جنهن کي خدا اسان جي لاءِ دانائي بنايو يعني اسان جي راستبازي، ۽ پاڪيزگي، ۽ نجات. [١- ڪرنٿين ١ : ٣٠]

۽ هڪڙو نئون راڳ ڳائڻ لڳا، ته تون انهي ڪتاب وٺڻ ۽ انهي جي مهرن کولڻ جي لائق آهين: ڇالاءِ جو تون ڪُٺو ويو هئين، ۽ سڀڪنهن قبيلي، ۽ ٻوليءَ ۽ اُمت ۽ قوم جي ماڻهن کي پنهنجي رت سان تو ملهه ورتو آهي.
[مڪاشفو ٥ : ٩]

# مسيح جي خون جو پراسچت

انهيءَ ۾ اسان کي سندس رت جي وسيلي ڇوٽڪارو مليو آهي، يعني سندس فضل جي دولت موافق اسان جن گناهن جي معافي ملي آهي. [افسين ۱ : ۷]

پر جي اسين روشنيءَ ۾ هلون جيئن ڪ پاڻ روشنيءَ ۾ آهي، ته اسان جي پاڻ ۾ شراڪت آهي، ۽ سندس فرزند عيسيٰ جو رت اسان کي سموري گناه کان صاف ٿو ڪري. [۱- يوحنا ۱ : ۷]

مسيح، جنهن ابدي روح جي وسيلي پاڻ کي خدا جي اڳيان بي عيب قرباني ڪري ڏنو، تنهنجو رت ڪيترو نہ وڌيڪ مردار ڪمن کان اوهان جي دلين کي پاڪ ڪندو تہ زنده خدا جي عبادت ڪريو؟ [عبراني ۹ : ۱۴]

هن جي موت جي وسيلي اسين خدا ڏانهن سچار ٿياسين ۽ اهو بہ يقين اٿئون تہ اسين مسيح جي وسيلي خدا جي غضب کان بچي وينداسين. [رومين ۵ : ۹]

اوهين ڄاڻو ٿا تہ اوهانجي اجائي هلت چلت جا اوهانجي ابن ڏاڏن کان وٺي هلي آئي آهي، تنهن کان اوهان کي فاني شين يعني سون ۽ چاندي جي وسيلي نجات نہ ملي، پر هڪڙي بيعيب ۽ بيداغ گهيٽي جي قيمتي رت سان ملي، يعني مسيح جي رت سان. [۱- پطرس ۱ : ۱۸-۱۹]

# مسيح تي ايمان آڻڻ جي وسيلي نجات

چالاءِ جو فضل جي ڪري ئي، ايمان جي وسيلي اوهان کي نجات ملي آهي، ۽ اها اوهان جي ڪري نه، پر خدا جي بخشش آهي. نه عملن جي ڪري، متان ڪوبه فخر ڪري. [ افسين ٢ : ٨-٩ ]

پر اهي انهيءَ لاءِ لکيل آهن ته جيئن اوهين ايمان آڻيو ته عيسيٰ ئي مسيح ۽ خدا جو فرزند آهي ۽ اهڙي ايمان آڻڻ سان اوهان کي هن جي نالي ۾ زندگي ملي. [يوحنا ٢٠ : ٣١]

جيئن ته اسين ايمان جي ڪري سچار بڻايا ويا آهيون، تنهنڪري اسان جو پنهنجي خداوند عيسيٰ مسيح جي وسيلي خدا سان ميلاپ ٿي ويو آهي. [رومين ٥ : ١]

چالاءِ جو مسيح عيسيٰ ۾ نڪي مختوني ڪنهن ڪم جي آهي، نڪي نامختوني، پر ايمان، جو محبت جي وسيلي اثر ٿو ڪري. [گلتين ٥ : ٦]

پوءِ انهن ڪانئس پڇيو ته اسان کي خدا جا ڪم بجا آڻڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ عيسيٰ ورائيو ته خدا جو ڪم اهو آهي ته اوهين انهيءَ تي ايمان آڻيو جنهن کي خدا موڪليو آهي. [ يوحنا ٦ : ٢٨-٢٩ ]

# خدا جو رحم

چو تہ جيئن آسمان زمين کان گھڻو مٿي آھي، تيئن
ھن جو رحم انھن تي جھجھو ڏي آھي جي کانئس ڊڄن ٿا.
[زبور ١٠٣ : ١١]

پر جن کي خداوند جو ڊپ آھي، تن تي سندس رحم
ازل کان ابد تائين آھي، ۽ سندس راستبازي انھن جي اولاد
جي اولاد تي ھلندي اچي. [زبور ١٠٣ : ١٧]

اھو خداوند جي رحم کري آھي جو اسين مري کپي
نہ ويا آھيون، ڇالاءِ جو ھن جو رحم کٽڻ جو نہ آھي. اھو
روز صبح جو نئون آھي، تنھن جي سچائي وڏي آھي.
[زاريون ٣ : ٢٢-٢٣]

تو جھڙو ٻيو کھڙو خدا آھي جو گناھہ معاف کري
ٿو، ۽ پنھنجي ميراث جي باقي رھيلن جي ڏوھہ کان گذر کري
ٿو؟ ھو ھميشہ لاءِ ڪاوڙيل نٿو رھي، ڇالاءِ جو ھن کي
رحم کرڻ پسند آھي. [ميڪاھ ٧ : ١٨]

تڏھن ھن اسان کي نجات ڏني، نہ اسان جي راستبازيءَ
جي کمن کري پر، پنھنجي رحم موجب نئين پيدائش جي
غسل، ۽ پاک روح جي وسيلي، جو اسان کي نئين سر پيدا
ٿو کري. [طيطس ٣ : ٥]

(دعوت خداوندي)

# مون ڏانهن لڙو

اوهين سڀ جيڪي ڳرا بار کڻي ٿڪجي پيا آهيو سي مون وٽ اچو ته آءٌ اوهان کي آرام ڏيان. [متي ١١ : ٢٨]

اوهين سڀ جي اُڃيا آهيو سي پاڻيءَ تي اچو، ۽ اهو به جنهن وٽ پيسو ڪونهي، اچو خريد ڪري کائو، هائو، اچو، شراب ۽ کير اڻ مهلو ۽ بنا پيسي خريد ڪريو.
[يسعياه ٥٥ : ١]

خداوند ٿو فرمائي ته هاڻي اچو ته پاڻ ۾ حجت دليل ڪريون: جيتوڻيڪ اوهان جا گناه ڪنهبي جهڙا هوندا ته به اهي برف جهڙا اڇا ٿي ويندا، جيتوڻيڪ اهي قرمز جهڙا ڳاڙها هوندا ته به اُن جهڙا ٿي پوندا. [يسعياه ١ : ١٨]

عيد جو آخري ڏينهن هڪ خاص ڏينهن هو. انهيءَ ڏينهن تي عيسيٰ اُٿي بيٺو ۽ وڏي آواز سان چيائين ته جيڪو به اُڃايل آهي سو پلي مون وٽ اچي پيئي. [يوحنا ٧ : ٣٧]

۽ روح ۽ ڪنوار ٻئي چون ٿا ته اچ. ۽ ٻڌڻ وارو به پلي چوي ته اچ. ۽ جيڪو اُڃايل آهي سو پلي اچي، ۽ جنهن جي مرضي هجي سو زندگيءَ جو پاڻي مفت پئي.
[مڪاشفو ٢٢ : ١٧]

# سڀ ماڻهو خدا جو اولاد آهن

تنهنڪري اوهين انهن منجهان نڪري اچو ۽ ڌار ٿيو، ۽ ڪنهن به پليت شيءِ کي هٿ نه لايو، ۽ آءٌ اوهان کي قبول ڪندس، ۽ آءٌ اوهان جو پيءُ ٿيندس، ۽ اوهين منهنجا پٽ ۽ ڌيئرون ٿيندا. [٢- ڪرنٿين ٦ : ١٧-١٨]

اوهين بي قصور ۽ بي ضرر ٿيو، ۽ انهن ڏنگن ۽ نرڄن جي زماني ۾، اوهين خدا جا بي عيب ٻار ٿي رهو، جنهن جي وچ ۾ اوهين اهڙا ٿا ڏسجو جهڙا دنيا ۾ چراغ.
[فلپين ٢ : ١٥]

پر جن به کيس قبول ڪيو يعني مٿس ايمان آندو، تن کي اهو حق ڏنائين ته هو خدا جا ٻار ٿين.
[يوحنا ١ : ١٢]

ڇالاءِ جو جيڪي خدا جي روح جي هدايتن موجب هلن ٿا سي خدا جا فرزند آهن. [رومين ٨ : ١٤]

انهيءَ ڪري خدا جا ٻار ۽ شيطان جا ٻار پڌرا ٿا ٿين: جيڪو راستبازيءَ جا ڪم نٿو ڪري، سو خدا مان ناهي، نڪي اهو جو پنهنجي ڀاءُ کي پيار نٿو ڪري.
[١- يوحنا ٣ : ١٠]

# نشي بازيءَ بابت خدا جا ڏنو فرمائي

هاڻي جسم جا ڪم ظاهر ڪيا آهن، يعني زناڪاري، ناپاڪي، شهوت پرستي، بت پرستي، جادوگيري، عداوتون، جهيڙو جهڳڙو، حسد، ڪاوڙ، تفرقا، جدايون، بدعتون، بغض، نشي بازي، عيش عشرت ۽ ٻيا اهڙا ڪم، جن بابت جيئن مون اڳي به اوهان کي خبردار ڪيو هو، تيئن هاڻي به اڳيئي خبردار ٿو ڪريان، ته جيڪي اهڙا ڪم ٿا ڪن سي خدا جي بادشاهت جا وارث ڪين ٿيندا. [گلتين ٥ : ١٩-٢١]

اهڙيءَ طرح فضيلت سان هلون جيئن ڏينهن جو هلبو آهي. نه ناچ رنگ، ۽ نه نشي ۾، نه زناڪاري ۽ نه شهوت پرستيءَ ۾، نه جهيڙي ۽ حسد ۾ هلون. پر خداوند عيسيٰ مسيح کي پوشاڪ وانگر ڍڪيو ۽ جسماني خواهشن پوري ڪرڻ لاءِ خيال نه پچايو. [رومين ١٣ : ١٣-١٤]

جڏهن شراب ڳاڙهو آهي تڏهن اُن ڏانهن نه نهار، يا جڏهن اُهو پيالي ۾ پنهنجو رنگ ظاهر ڪري ٿو، ۽ جڏهن اُهو لسو ڳسو وهي ٿو.
ڇالاءِ جو پڇاڙيءَ ۾ اُهو نانگ وانگر چڪ هڻي ٿو، ۽ ڪپر وانگر ڏنگي ٿو. [مثل ٢٣ : ٣١-٣٢]

افسوس انهن تي جي صبح جو سوير ٿا اُٿن ته نشي بازيءَ جي پٺيان پون، جي رات جو دير تائين ٿا ترسن، جيسين ڪ انهن کي شراب جو جوش چڙهي! [يسعياه ٥ : ١١]

# اخلاص ڪافي نہ آهي

جيئن عيسيٰ رستي سان پئي ويو تہ هڪ ماڻهو وٽس ڊوڙندو آيو ۽ هن عيسيٰ جي اڳيان گوڏا کوڙي پڇيو تہ اي نيڪ اُستاد، آءٌ ڇا ڪريان جو دائمي زندگي حاصل ڪريان؟ عيسيٰ چيس تہ تون مون کي نيڪ ڇو ٿو سڏين؟ خدا اڪيلي کان سواءِ ٻيو ڪوبہ نيڪ نہ آهي. توکي تہ حڪمن جي خبر آهي تہ خون نہ ڪر، زنا نہ ڪر، چوري نہ ڪر، ڪوڙي شاهدي نہ ڏي، ٺڳي نہ ڪر ۽ پنهنجي پيءُ ماءُ جي عزت ڪر. تنهن تي انهيءَ ماڻهوءَ جواب ڏنو تہ استاد، انهن حڪمن تي تہ آءٌ ننڍي هوندي کان ئي عمل ڪندو ٿو رهان. عيسيٰ هن کي چتائي ڏٺو ۽ ساڻس پيار ڪيو، ۽ چيائين تہ تو ۾ اڃا هڪڙي شيءِ جي گهٽتائي آهي. وڃ ۽ وڃي پنهنجو سڀڪجهہ وڪڻي جيڪي پيسا اچن سي غريبن ۾ خيرات ڪر تہ بهشت ۾ توکي خزانو ملندو. پوءِ اچ ۽ منهنجو پوئلڳ ٿيءُ. اهو ماڻهو هن ڳالهہ تي ڏاڍو ڪُمائجي ويو ۽ ڏک ۾ هليو ويو، ڇالاءِ جو هو وڏو شاهوڪار ماڻهو هو.

[مرقس ١٠ : ١٧-٢٢]

تنهن تي عيسيٰ ورائيو تہ تون خداوند پنهنجي خدا کي پنهنجيءَ ساريءَ دل، پنهنجي سڄي جان ۽ پنهنجيءَ سڄيءَ سمجهہ سان پيار ڪر. اهو ئي سڀني کان وڏو ۽ پهريون حڪم آهي.

[متي ٢٢ : ٣٧-٣٨]

# پاڻ کي فريب نہ ڏيو

پر ڪلام تي عمل ڪندڙ ٿيو نہ فقط ٻڌندڙ، ۽ پاڻ کي نہ ٺڳيو. [يعقوب ۱ : ۲۲]

متان ڪو ماڻهو اوهان کي اجاين ڳالهين ڪرڻ سان ٺڳي وڃي، ڇالاءِ جو اهڙن گناهن ڪري نافرمانيءَ جي فرزندن تي خدا جو غضب نازل ٿو ٿئي. [افسين ۵ : ۶]

ڇالاءِ جو جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪي ڪينهي، ۽ سمجهي ٿو تہ آءٌ بہ ڪي آهيان، تہ هو پاڻ کي ٺڳي ٿو. [گلتين ۶ : ۳]

يا اوهين نٿا ڄاڻو تہ بدڪار خدا جي بادشاهت جا وارث نہ ٿيندا؟ ڀلجي نہ وڃو، نڪي زناڪار، نڪي بت پرست، نڪي حرامڪار، نڪي عياش، نڪي لونڊي باز، نڪي چور، نڪي لالچي، نڪي شرابي، نڪي گارگند ڏيندڙ، نڪي ظالم خدا جي بادشاهت جا وارث ٿيندا. [۱- ڪرنٿين ۶ : ۹–۱۰]

اي منهنجا ننڍڙا ٻارو، متان ڪو اوهان کي گمراه ڪري: جيڪو راستبازيءَ جا ڪم ٿو ڪري سو انهي وانگر راستباز آهي. جيڪو گناه ٿو ڪري سو شيطان مان آهي، ڇالاءِ تہ شيطان شروعات کان وٺي گناه ڪندو اچي. خدا جو فرزند انهي مطلب لاءِ ظاهر ٿيو تہ شيطان جي ڪمن کي برباد ڪري.
[۱- يوحنا ۳ : ۷–۸]

# گناه موت آڻي ٿو

جيڪو سچائيءَ تي پڪو آهي سو حياتي حاصل ڪندو. ۽ جيڪو برائيءَ جي پٺيان ٿو لڳي سو خود پنهنجي موت لاءِ ائين ڪري ٿو. [مثل ١١ : ١٩]

هڪڙي ماڻهوءَ جي ڪري دنيا ۾ گناه آيو، گناه جي سبب موت آيو ۽ موت سڀني دنيا ۾ پکڙجي ويو، ڇالاءِ جو سڀني ماڻهن گناه ڪيو. [رومين ٥ : ١٢]

پوءِ اها خواهش حامله ٿي گناه ٿي ڄڻي: ۽ جڏهن اهو گناه وڏي وڌو ٿو ٿئي، تڏهن موت ٿو آڻي. [يعقوب ١ : ١٥]

جيڪا جان گناه ڪندي سا مرندي: پٽ پيءُ جو گناه نہ کڻندو، نڪي پيءُ پٽ جو گناه کڻندو، سچار جي سچائي اُنهي تي ئي رهندي. [حزقي ايل ١٨ : ٢٠]

پر اسان کي تہ شادماڻو ۽ خوشي ڪرڻي هئي ڇاڪاڻ تہ تنهنجو ڀاءُ جو مري ويو هو سو جيئرو ٿيو آهي، جو وڃائجي ويو هو سو لڌو آهي. [لوقا ١٥ : ٣٢]

# مسيح، فاتح اجل

پيءُ مون سان انهيءَ لاءِ پيار ٿو ڪري جو آءٌ پنهنجي جان ٿو ڏيان ته جيئن اها وري مون کي موٽي ملي. ڪوبه ماڻهو مون کان اها کسي نه ٿو پر آءٌ اها پنهنجي مرضيءَ سان ٿو ڏيان. مون کي پنهنجي جان ڏيڻ جي اختياري آهي ۽ اها وري موٽائي وٺڻ جي به اختياري آهي. هي حڪم مون کي پنهنجي پيءُ وٽان مليو آهي. [يوحنا ۱۰ : ۱۷-۱۸]

عيسيٰ وڏي واڪي چيو ته، اي لعزر ٻاهر نڪري اچ. تنهن تي مئل ماڻهو ٻاهر نڪري آيو. هن جا هٿ ۽ پير ڪفن سان ٻڌل هئا ۽ سندس منهن رومال سان ويڙهيل هو. عيسيٰ انهن ماڻهن کي چيو ته هن کي کوليو ۽ ڇڏيوس ته وڃي. [يوحنا ۱۱ : ۴۳-۴۴]

جيئرو آهيان، آءٌ مئو هوس، ۽ ڏس آءٌ هميشه تائين جيئرو رهندس، ۽ مون وٽ موت ۽ مئلن جي عالم جون ڪنجيون آهن. [مڪاشفو ۱ : ۱۸]

پاڻ جنازي جي ويجهو اچي هٿ لاتائين ته ڪانڌي بيهي رهيا ۽ فرمايائين ته اي جوان، آءٌ توکي چوان ٿو ته اُٿ. تنهن تي اهو مڙدو اُٿي ويٺو ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ لڳو. پوءِ ڇوڪر کي کڻي سندس ماءُ جي حوالي ڪيائين.
[لوقا ۷ : ۱۴-۱۵]

# خدا جا حڪم

[شريعت جو دور ٥ : ٧-٢١]

مون کان سواءِ تنهنجي لاءِ ٻيو ڪو ٻه خدا نه هجي تون پنهنجي لاءِ ڪا بہ آڪريل مورت يا ڪنهن بہ شيءِ جي صورت نه جوڙ، جا مٿي آسمان ۾، يا هيٺ زمين تي، يا زمين جي هيٺيان پاڻيءَ ۾ آهي. تون انهي جي اڳيان سجدو نه ڪر، نڪي انهي جي عبادت ڪر: ڇالاءِ جو آءٌ خداوند تنهنجو خدا غيرت وارو خدا آهيان، ۽ ابن ڏاڏن جي بڇراين جي سزا، جيڪي مون سان دشمني رکندا آهن، تن جي پٽن کي، انهي جي ٽين ۽ چوٿين پيڙهيءَ تائين ڏيندو آهيان، پر جيڪي مون کي پيار ڪندا ۽ منهنجا حڪم مڃيندا آهن، تن هزارن تي رحم ڪندو آهيان تون خداوند پنهنجي خدا جو نالو اجايو نه وٺ، ڇالاءِ تہ جيڪو سندس نالو اجايو ٿو وٺي، تنهن کي بي قصور ڪين سمجهندو. تون خداوندا پنهنجي خدا جي حڪم موجب سبت جو ڏينهن پاڪ رکڻ لاءِ ياد رک. تون پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ جي عزت ڪر. تون خون نه ڪر. تون زنا نه ڪر، تون چوري نه ڪر، تون پنهنجي پاڙيسريءَ تي ڪوڙي شاهدي نه ڀر. تون پنهنجي پاڙيسريءَ جي زال جي لالچ نه ڪر.

# تون خدا کان لڪي نٿو سگهين

چالاڪ جو هن جون اکيون ماڻهوءَ جي واٽن تي آهن، ۽ هو انهيءَ جو اچڻ وڃڻ ڏسي ٿو. اهڙي ڪا به اونداهي يا اهڙو ڪو به موت جو پاڇو ڪونهي، جتي بدڪاري ڪرڻ وارا پاڻ کي لڪائي سگهن. [ ايوب ۳۴ : ۲۲-۲۱ ]

خداوند جون اکيون سڀني هنڌ آهن، ۽ بڇڙن توڙي چڱن تي نظر رکن ٿيون. [ مثل ۱۵ : ۳ ]

ڇاڪاڻ ته اهڙي ڪا به شيءِ لڪل نه آهي، جا پڌري نه ٿيندي ۽ ڪا به ڳالهه ڳجهي نه آهي جنهن جي خبر نه پوندي ۽ جيڪا ظاهر نه ٿيندي. [ لوقا ۸ : ۱۷ ]

جي مٿي آسمان ۾ چڙهي وڃان، ته تون آهين، جي قبر ۾ پنهنجو بسترو وڇايان، ته اتي به تون آهين.
ته به اونده توکان ڪين لڪائيندي، بلڪ رات به ڏينهن وانگر روشن آهي: تنهنجي اڳيان اونده توڙي سوجهرو ٻئي برابر هڪجهڙا آهن. [ زبور ۱۳۹ : ۸ ۽ ۱۲ ]

خداوند ٿو فرمائي، ته ڪو پاڻ کي ڳجهين جاين ۾ لڪائي سگهندو ڇا جو آءٌ ڏسي نه سگهانس؟ خداوند ٿو فرمائي، ته آءٌ آسمان ۽ زمين ڀري نه بيٺو آهيان ڇا؟
[ يرمياه ۲۳ : ۲۴ ]

# منڪرن لاءِ دائمي سزا

ابن آدم پنهنجن ملائڪن کي موڪليندو ۽ اهي سندس بادشاهت مان انهن سڀني کي گڏ ڪندا جيڪي ٻين کي گمراه ٿا ڪن ۽ بڇڙائي ڪن ٿا. اُهي انهن کي باه جي ڪوري ۾ اڇلائيندا جتي هو رڙيون ڪندا ۽ ڏند ڪرٽيندا.
[ متي ١٣ : ٤١-٤٢ ]

جيڪڏهن تنهنجو هٿ يا پير توکي گمراه ڪري ته اهو ڪپي پري اڇلائي ڇڏ، ڇالاءِ جو ٻنهي هٿن يا پيرن سان دائمي باه ۾ پوڻ کان اهو بهتر آهي ته تون ٽُنڊو يا منڊو جنت ۾ داخل ٿئين. [ متي ١٨ : ٨ ]

آسمان ۽ زمين جي موجود آهن، سي انهي ساڳئي ڪلام جي وسيلي هن لاءِ رکيا ويا آهن، ته ساڙيا وڃن، ۽ اُهي عدالت جي ڏينهن ۽ بيدين ماڻهن جي بربادي تائين موجود رهندا. [ ٢- پطرس ٣ : ٧ ]

بدڪار وڃي قبر ۾ پوندا، يعني اهي سڀ قومون جي خدا کي وسارين ٿيون. [ زبور ٩ : ١٧ ]

پوءِ اوهان کي دائمي سزا ملندي ۽ نيڪن کي دائمي زندگي. [ متي ٢٥ : ٤٦ ]

# اڳئين عدالت

چالاءِ جو هن هڪ ڏينهن مقرر ڪري ڇڏيو آهي جنهن تي هو سچي جهان جو عدل ۽ انصاف انهيءَ ماڻهوءَ جي هٿان ڪندو جنهن کي هن اڳي ئي چونڊي ڇڏيو آهي. انهيءَ لاءِ ته هن هرڪ کي اها ثابتي ڏني آهي، جو کيس مئلن مان وري جيئرو ڪيو اٿائين. [رسولن جا ڪم ١٧ : ٣١]

خداوند ڄاڻي ٿو ته دينداري کي آزمائش کان ڪيئن ڇڏائجي، ۽ بيدين کي عدالت جي ڏينهن تائين ڪهڙيءَ طرح سزا هيٺ رکجي. [٢- پطرس ٢ : ٩]

خدا جو پيار جو اسان ۾ آهي، سو اسين ڄاڻون ٿا، ۽ انهي جو اسان کي پورو يقين ٿيو آهي ته خدا پيار آهي ۽ جيڪو پيار ۾ ٿو رهي سو خدا ۾ ٿو رهي، ۽ خدا انهي ۾ ٿو رهي. [١- يوحنا ٤ : ١٦]

جهڙيءَ طرح ماڻهن لاءِ هڪڙي ئي ڀيري مرڻ ۽ انهي کان پوءِ عدالت جو هئڻ مقرر ڪيل آهي. [عبراني ٩ : ٢٧]

چالاءِ جو اسان سڀني کي مسيح جي عدالت جي اڳيان حاضر ٿيڻو آهي، انهي لاءِ ته هر ڪنهن کي انهن ڪمن جو بدلو ملي جي هن بدن ۾ رهي ڪيا آهن، پوءِ اهي چڱا هجن يا بڇڙا. [٢- ڪرنٿين ٥ : ١٠]

اهڙيءَ طرح اسان مان هرڪ خدا کي پنهنجو پنهنجو حساب ڏيندو. [رومين ١٤ : ١٢]

# عيسيٰ مسيح جو فضل

پر ٻئي هڪجهڙا نہ آهن، ڇاڪاڻ تہ خدا جي بخشش آدم جي ڏوهہ جهڙي نہ آهي. اهو سچ آهي تہ انهيءَ هڪڙي شخص جي گناهہ جي ڪري گهڻائي ماڻهو مري ويا ۽ وري هڪڙي ٻئي شخص يعني عيسيٰ مسيح جي فضل ۽ بخشش جهجهي انداز ۾ ملي. [رومين ٥: ١٥]

تنهنڪري اهو نہ انسان جي خواهش ڪرڻ تي ۽ نہ ڪوشش ڪرڻ تي مدار رکي ٿو. پر اهو سڀ خدا جي رحم ڪرم تي ڇڏيل آهي. [رومين ٩: ١٦]

خدا مغرورن جو مقابلو ٿو ڪري پر نماڻن کي فضل ٿو بخشي. [١- پطرس ٥: ٥ ب]

ڇالاءِ جو اوهان کي اسان جي خداوند عيسيٰ مسيح جي فضل جي خبر آهي، تہ جيتوڻيڪ هو دولتمند هو تہ بہ اوهان جي خاطر غريب ٿي ويو، انهيءَ لاءِ تہ اوهين سندس غريبيءَ جي ڪري دولتمند ٿي وڃو. [٢- ڪرنٿين ٨: ٩]

رسول وڏيءَ قدرت سان خداوند عيسيٰ جي وري جيئري ٿيڻ جي شاهدي ڏيندا هئا ۽ سڀني تي ڏاڍو فضل ٿيندو هو. [رسولن جا ڪم ٤: ٣٣]

# توبہ

سو جن وقتن ۾ ماڻهو بي خبر هئا. تن وقتن ۾ خدا به چشم پوشي ڪئي. پر هن زماني ۾ خدا ماڻهن کي حڪم ٿو ڏئي ته هو جتي به هجن اُتي سڀيئي توبه ڪن.
[ رسولن جا ڪم ١٧ : ٣٠ ]

آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو ته ائين نه آهي، پر جيڪڏهن اوهين پنهنجن گناهن کان توبه نه ڪندءُ ته پوءِ سڀيئي برباد ٿيندءُ، جيئن اهي ٿيا هئا.
[ لوقا ١٣ : ٣ ]

تنهن تي پطرس کين چيو ته اوهين سڀ توبه ڪريو ۽ عيسيٰ مسيح جي نالي تي بپتسما وٺو ته جيئن اوهان جا گناه بخشيا وڃن ۽ اوهان کي خدا جي بخشش يعني پاڪ روح ملندو.
[ رسولن جا ڪم ٢ : ٣٨ ]

تنهنڪري توبه ڪريو ۽ خدا ڏانهن اچو ته اوهان جا گناه ميٽجي وڃن.
[ رسولن جا ڪم ٣ : ١٩ ]

ڇالاءِ ته اهڙي غمگيني جا خدا جي مرضيءَ موجب آهي سا توبه ٿي پيدا ڪري، اهڙي توبه جنهن جو نتيجو نجات آهي، تنهن ۾ ڪابه پشيماني نه ٿي ٿئي، پر دنياوي غم جي ڪري موت ٿو ٿئي.
[ ٢- ڪرنٿين ٧ : ١٠ ]

# گناھن جي معافي

چالاڪ جو جيڪڏھن اوھين ماڻھن کي پنھنجا ڏوھ بخشيندا تہ اوھان جو آسمان وارو پيءُ بہ اوھان کي پنھنجا ڏوہ بخشي ڇڏيندو۔ [متي ٦ : ١٤]

پر جيڪڏھن ڪو شرير پنھنجن سڀني ڪيلن گناھن کان باز ايندو، ۽ منھنجا سڀ قانون سنڀاليندو، ۽ قاعدي موجب درست ڪم ڪندو، سو ضرور جيئرو رھندو ۽ مرندو ڪين۔ [حزقي ايل ١٨ : ٢١]

ڏس، آءٌ در تي بيھي کڙڪايان ٿو۔ جيڪڏھن ڪو ماڻھو منھنجو آواز ٻڌي در پٽيندو، تہ آءٌ انھي وٽ لنگھي ايندس، ۽ انھي سان گڏ ماني کائيندس، ۽ آھو مون سان گڏ کائيندو۔ [مڪاشفو ٣ : ٢٠]

شرير ماڻھو پنھنجو رستو ڇڏي، ۽ ناراست پنھنجا خيال ڇڏي ڏئي۔ اھو خداوند ڏانھن موٽي تہ ھو مٿس رحم ڪندو ۽ اسان جي خدا ڏانھن اچي چالاڪ جو ھو گھڻي معافي ڏيندو۔
[يسعياه ٥٥ : ٧]

پر خدا ڪيس اڳواڻ ۽ ڇوٽڪارو ڏيندڙ بنائڻ لاءِ پنھنجي ساڄي پاسي کان اتاريو تہ جيئن اسرائيلين کي توبہ ڪرڻ جي توفيق ملي ۽ سندن گناہ بخشجي وڃن۔
[رسولن جا ڪم ٥ : ٣١]

# دنياداريءَ کان علحدگي

ڇالاءِ جو خدا جو فضل ظاهر ٿيو آهي، ۽ اهو سڀني ماڻهن لاءِ نجات ڏيندڙ آهي، ۽ اسان کي به سيکاري ٿو ته بيدينيءَ ۽ دنيوي خواهشن کي ترڪ ڪري، هن موجوده جهان ۾ پرهيزگاريءَ ۽ راستبازيءَ ۽ دينداريءَ سان زندگي گذاريون. [طيطس ٢ : ١١–١٢]

انهن شين سان دل لايو جي مٿي آسمان ۾ آهن، نه انهن شين سان جي زمين تي آهن. [ڪلسين ٣ : ٢]

اونداهيءَ جي اجاين ڪمن ۾ شريڪ نه ٿيو، آٽلندو انهن تي ڦٽڪار ڪريو. [افسين ٥ : ١١]

اوهين وهنجو، پاڻ کي پاڪ ڪريو، پنهنجا بڇڙا ڪم منهنجن اکين جي اڳيان ٽاريو، بڇڙائي ڪرڻ کان بس ڪريو. [يسعياه ١ : ١٦]

دنيا سان محبت نه رکو، نڪي انهن شين سان جي دنيا ۾ آهن، جيڪڏهن ڪو ماڻهو دنيا سان محبت رکي ٿو ته انهيءَ ۾ پيءُ جي محبت ڪانهي. ڇالاءِ جو جيڪي به دنيا ۾ آهن، يعني جسماني خواهش، ۽ اکين جي خواهش، ۽ حياتيءَ جي مغروري، سا پيءُ جي طرفان نه آهي، پر دنيا جي طرفان آهي. [١- يوحنا ٢ : ١٥–١٦]

# نئون جنم

آءٌ اوهان کي نئين دل ڏيندس ۽ اوهان ۾ نئون روح وجهندس. ۽ اوهان جي بدن مان اها پٿر جهڙي دل ڪڍي ونندس ۽ گوشت جي دل ڏيندس. [حزقي ايل ٣٦ : ٢٦]

جيڪڏهن اوهين ڄاڻو ٿا ته هو راستباز آهي، ته اها به خبر اٿو ته جيڪو راستبازيءَ جا ڪم ٿو ڪري سو هن مان پيدا ٿيو آهي. [ ١- يوحنا ٢ : ٢٩ ]

اسين ڄاڻون ٿا ته جيڪو خدا مان پيدا ٿيل آهي سو گناه نٿو ڪري، پر جيڪو خدا مان پيدا ٿيو هو سو هن جي حفاظت ٿو ڪري، ۽ اهو بڇڙو ڪيس هٿ لائي نٿو سگهي.
[ ١- يوحنا ٥ : ١٨ ]

تنهن تي عيسيٰ ورائيس ته آءٌ توکي سچ ٿو ٻڌايان ته جيستائين ڪو ماڻهو نئين سر پيدا نه ٿيندو تيستائين خدا جي بادشاهت ڏسي نه سگهندو. [ يوحنا ٣ : ٣ ]

ڇالاءِ جو اوهين فاني ٻج مان نئين سر پيدا نه ٿيا آهيو، پر غير فاني ٻج مان، يعني خدا جي ڪلام جي وسيلي، جو زنده ۽ قائم آهي. [ ١- پطرس ١ : ٢٣ ]

تنهنڪري جيڪڏهن ڪو ماڻهو مسيح ۾ آهي ته هو نئون مخلوق آهي: پراڻيون شيون گذري ويون، ڏسو، هو نوان ٿي پيا آهن. [٢- ڪرنٿين ٥ : ١٧]

## گناھ ۾ مئل ۽ مسيح ۾ جيئرو

جڏھن اوھين پنھنجين خطائن ۽ گناھن جي ڪري مئل ھئا، تڏھن ھن اوھان کي جياريو. جن گناھن ۾ اوھين اڳي ھن دنيا جي دستور موجب ھلندا ھئا، ۽ فضا ۾ اختيار ھلائڻ واري حاڪم جي، يعني انھي روح جي پيروي ڪندا ھئا، جو ھاڻي نافرمانيءَ جي فرزندن ۾ اثر پيدا ٿو ڪري، انھن سان گڏ اسين سڀيئي بہ پنھنجي جسم جي خواھشن ۾ ھلندا ھئاسين، ۽ جسم ۽ دل جي سڌين پورين ڪرڻ ۾ مشغول ھئاسين، ۽ طبيعت جي ڪري ٻين وانگر غضب جا فرزند ھئاسين: پر خدا، جو رحم سان ڀرپور آھي، تنھن پنھنجيءَ وڏيءَ محبت سببان جا ھن اسان سان ڪئي، اسان کي مسيح سان جيئرو ڪيو، جڏھن اسين اڃا پنھنجين خطائن جي ڪري مئل ھئاسين، (فضل جي ڪري ئي اوھان کي نجات ملي آھي) ۽ انھي سان گڏ اسان کي آٿاري مسيح ۾ آسماني جاين ۾ ساڻس گڏ وھاريائين. [ افسين ٢ : ١-٦ ]

تنھنڪري، جيڪڏھن اوھين مسيح سان گڏ جياريا ويا آھيو تہ انھن شين جا ڳولائو ٿيو جي مٿي آسمان ۾ آھن، جتي مسيح خدا جي ساڄي پاسي ويٺو آھي. [ڪلسين ٣ : ١]

ھو پاڻ اسان جا گناھ پنھنجي بدن تي ڪٺي صليب تي چڙھيو. انھيءَ لاءِ تہ اسين گناھن جي ڪري مري راستبازيءَ لاءِ جيئون. ھن جي مار ڪائڻ جي ڪري اوھان کي شفا ملي.
[ پطرس ٢ : ٢٤ ]

# ابدي زندگي

جيڪو پنهنجي جسم جي لاءِ پوکي ٿو سو جسم مان فنا جو فصل لڻندو، پر جيڪو روح جي لاءِ پوکي ٿو سو روح مان هميشه جي زندگي لڻندو. [گلتين ٦: ٨]

جيئن موسيٰ رڻ پٽ ۾ نانگ کي مٿي چاڙهيو تيئن ابن آدم به ضرور مٿي چاڙهيو ويندو. انهيءَ لاءِ ته جيڪو به مٿس ايمان آڻي تنهن کي دائمي زندگي ملي.
[يوحنا ٣: ١٤-١٥]

جيڪو به فرزند تي ايمان آڻي ٿو تنهن کي دائمي زندگي آهي، پر جيڪو فرزند کي قبول نه ٿو ڪري تنهن کي اها زندگي ڪڏهن به نه ملندي پر اٽلندو خدا جو غضب مٿس رهي ٿو.
[يوحنا ٣: ٣٦]

ڇالاءِ جو گناه جو اجر موت آهي، پر خدا جي بخشش اسان جي خداوند عيسيٰ مسيح جي معرفت دائمي زندگي آهي.
[رومين ٦: ٢٣]

آءٌ اوهان کي سچ ٿو چوان ته جيڪو به منهنجو ڪلام ٻڌي ٿو ۽ جنهن مون کي موڪليو آهي تنهن تي ايمان آڻي ٿو ته کيس دائمي زندگي آهي ۽ سزا نه ملندس ڇاڪاڻ ته هو موت مان نڪري زندگيءَ ۾ آيو آهي. [يوحنا ٥: ٢٤]

# ڇوٽڪاري جي پڪ

۽ راستبازيءَ جو ڪم سلامتي ٿيندو، ۽ راستبازيءَ جو نتيجو هميشه لاءِ آرام ۽ تسلي ٿيندو. [يسعياه ٣٢ : ١٧]

۽ جيئن ته اوهين پٽ آهيو، تنهنڪري خدا پنهنجي فرزند جو روح اسان جي دلين ۾ موڪليو، جو ابا يعني، اي بابا چئي ٿو پڪاري. [گلتين ٤ : ٦]

جنهن کي منهنجن حڪمن جي خبر آهي ۽ هو انهن تي عمل ڪري ٿو سو ئي مون سان پيار ڪري ٿو. جيڪو مون سان پيار ڪري ٿو تنهن سان منهنجو پيءُ پيار ڪندو ۽ آءٌ به انهيءَ سان پيار ڪندس ۽ مٿس پاڻ ظاهر ڪندس. [يوحنا ١٤ : ٢١]

اهو روح پاڻ اسان جي روح سان گڏ شاهدي ٿو ڏئي ته اسين خدا جا ٻار آهيون. [رومين ٨ : ١٦]

اي منهنجا ننڍڙا ٻارو، اسان کي رڳو ڳالهين ۽ زبان جو نه، پر عملي ۽ سچائيءَ جو پيار ڪرڻ کپي. انهيءَ مان اسان کي خبر پوندي ته اسين سچ مان آهيون، ۽ سندس حضور ۾ اسان جي دل کي خاطري آهي. [١- يوحنا ٣ : ١٨—١٩]

انهيءَ طرح اسين ڄاڻون ٿا ته اسين هن ۾ رهون ٿا، ۽ هو اسان ۾ ٿو رهي، ڇالاءِ جو هن پنهنجي روح مان اسان کي ڏنو آهي. [١- يوحنا ٤ : ١٣]

# مسيح جي رفاقت ۾ خوشي آهي

هاڻي آءٌ تو وٽ اچي رهيو آهيان پر جيستائين آءٌ دنيا ۾ آهيان تيستائين اهي ڳالهيون انهيءَ لاءِ ٻڌايان ٿو ته جيئن انهن جي دلين ۾ منهنجي خوشي پوري ٿئي.
[يوحنا ١٧ : ١٣]

ڇالاءِ جو خدا جي بادشاهت کائڻ پيئڻ تي مدار نه ٿي رکي پر اها سچائي ميل ميلاپ ۽ انهيءَ خوشيءَ تي ٻڌل آهي جيڪا پاڪ روح جي طرفان آهي. [رومين ١٤ : ١٧]

آءٌ مسيح سان گڏ مصلوب ٿيو آهيان، انهي هوندي به آءٌ جيئرو آهيان، پر هاڻي آءٌ جيئرو نٿو رهان، بلڪ مسيح مون ۾ جيئرو ٿو رهي، ۽ جيڪا حياتي آءٌ هاڻي جسم ۾ گذاريان ٿو، سا آءٌ انهي ايمان تي ٿو گذاريان، جو خدا جي فرزند تي آهي، جنهن مون سان محبت رکي منهنجي بدلي پنهنجي جان ڏني. [گلتين ٢ : ٢٠]

تنهنڪري خوشي سان اوهين نجات جي کوهن مان پاڻي ڪڍندا. [يسعياه ١٢ : ٣]

مون اهي ڳالهيون انهيءَ ڪري اوهان کي ٻڌايون آهن ته جيئن منهنجي خوشي اوهان ۾ هجي ۽ اوهان جي خوشي پوري ٿئي. [يوحنا ١٥ : ١١]

# خداوند جي اطاعت ضروري آهي

پر جي اوهين خداوند جي ڳالهه نہ مڃيندا، ۽ خداوند جي حڪم جي برخلاف ٿيندا، تہ خداوند جو هٿ اوهان جي برخلاف ائين ٿيندو جيئن ڪ اوهان جي ابن ڏاڏن جي برخلاف هو.
[ ١- سموئيل ١٢ : ١٥ ]

اوهان کي خبر آهي تہ جيڪڏهن اوهين غلامن وانگر ڪنهن جي تابعداري ڪريو ٿا تہ اوهين انهيءَ ماڻهوءَ جا غلام آهيو. هاڻي جيڪڏهن اوهين گناه جي تابعداري ڪندا تہ ان جو نتيجو موت آهي پر جيڪڏهن خدا جي تابعداري ڪندا تہ هو اوهان کي سچار ڪري قبول ڪندو. [رومين ٦ : ١٦]

اوهين جي ڏک سهو ٿا تن کي اسان سان گڏ آرام ڏي. سو اُنهي وقت جڏهن خداوند عيسيٰ پنهنجي قدرت وارن ملائڪن سان آسمان مان ٻرندڙ باه ۾ ظاهر ٿيندو. ۽ جيڪي خدا کي نٿا سڃاڻن ۽ جيڪي اسان جي خداوند عيسيٰ جي خوشخبري نٿا مڃين تن کان بدلو وٺندو. اُهي خداوند جي حضور کان ۽ سندس قدرت جي جلال کان محروم رهندا ۽ ڪين هميشه جي لاءِ برباد ٿيڻ جي سزا ملندي.
[ ٢- ٿسلونيڪين ١ : ٧-٩ ]

ڏسو آءٌ اڄوڪي ڏينهن اوهان جي اڳيان برڪت ۽ لعنت ٿو رکان، برڪت انهي حالت ۾، جڏهن اوهين خداوند پنهنجي خدا جا حڪم، جي آءٌ اڄوڪي ڏينهن اوهان کي ٻڌايان ٿو. تن تي عمل ڪندا. ۽ لعنت انهيءَ حالت ۾، جڏهن اوهين خداوند پنهنجي خدا جا حڪم نہ مڃيندا.
[شريعت جو دور ١١ : ٢٦-٢٨ الف]

# مسيح جو اقرار ضروري آهي

۽ سڀڪا زبان قبول ڪري ته عيسيٰ مسيح خداوند آهي، جنهن ڪري خدا پيءُ جو جلال ظاهر ٿئي. [فلپين ٢ : ١١]

جيڪو مون کي ماڻهن جي اڳيان پڌري پٽ قبوليندو ته آءٌ به اُن کي پنهنجي آسمان واري پيءُ جي اڳيان قبول ڪندس. پر جيڪو ماڻهن جي اڳيان مون کي قبول نه ڪندو تنهن کي آءٌ به پنهنجي آسمان واري پيءُ جي اڳيان قبول نه ڪندس. [متي ١٠ : ٣٢-٣٣]

جيڪڏهن تون زبان سان اقرار ڪرين ته عيسيٰ خداوند آهي ۽ دل ۾ ايمان آڻين ته خدا کيس مئلن مان جيئرو ڪيو ته توکي ڇوٽڪارو ملندو. ڇالاءِ جو دل سان ايمان آڻڻ ڪري ماڻهو خدا ڏانهن سچار بڻايو وڃي ٿو ۽ زبان سان اقرار ڪرڻ ڪري ڇوٽڪارو ملي ٿو. [رومين ١٠ : ٩-١٠]

جيڪو پٽ کي نٿو مڃي، تنهن وٽ پيءُ نه آهي.
جيڪو پٽ کي مڃي ٿو، تنهن وٽ پيءُ به آهي.
[١- يوحنا ٢ : ٢٣]

ڇاڪاڻ ته جيڪو مون کان ۽ منهنجي ڪلام کان شرمائيندو، تنهن کان ابن آدم به شرمائيندو جڏهن هو پنهنجي پيءُ ۽ پاڪ ملائڪن جي جلوي ۾ ايندو. [لوقا ٩ : ٢٦]

# شيطان اسان جو مکيه دشمن

هوشيار ٿيو، سجاڳ رهو، اوهان جو دشمن گجندڙ شينهن وانگر هيڏانهن هوڏانهن پيو گهمي ۽ وجهه پيو ڳولي ته
ڪنهن کي ڦاڙي کائي. [١- پطرس ٥ : ٨]

پوءِ پاڪ روح عيسيٰ کي بيابان ۾ وٺي ويو ته جيئن شيطان کيس آزمائي. تنهن تي عيسيٰ ورندي ڏنس ته اي شيطان، ٽري وڃ، ڇالاءِ جو لکيل آهي ته خداوند پنهنجي خدا کي سجدو ڪر ۽ رڳو انهيءَ جي ئي عبادت ڪر. پوءِ شيطان هن کي ڇڏي هليو ويو ۽ ملائڪ آيا ۽ اچي عيسيٰ جي
خدمت ڪيائون. [متي ٤ : ١ ۽ ١٠-١١]

يعني آهو بيدين، جنهن جو اچڻ شيطان جي تاثير موجب، هر طرح جي طاقت ۽ نشانين ۽ ڪوڙين ڪرامتن سان.
[٢- ٿسلونيڪين ٢ : ٩]

خدا جا سڀ هٿيار ٻڌو، ته شيطان جي منصوبن سان
مقابلو ڪري سگهو. [افسين ٦ : ١١]

توکي انهن جون اکيون کولڻيون آهن. انهن کي اونداهيءَ مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻڻو آهي. کين شيطان جي چنبي کان آزاد ڪري خدا ڏانهن موڙڻو آهي ته جيئن اهي مون تي ايمان آڻين ۽ گناهن جي معافي ملين ۽ هو خدا جي پاڪ
ٿيلن ۾ ليکيا وڃن. [رسولن جا ڪم ٢٦ : ١٨]

# شيطان مٿان فتح

تنهن کان پوءِ آهو بيدين پڌرو ٿيندو، ۽ خداوند عيسيٰ پنهنجي وات جي ڦوڪ سان هن کي ماري وجهندو، ۽ پنهنجي اچڻ جي ظهور سان چٽ ڪري ڇڏيندو.
[ ٢- ٿسلونيڪين ٢ : ٨ ]

تنهنڪري خدا جي تابع ٿيو، شيطان جو مقابلو ڪريو ته هو اوهان وٽان ڀڄي ويندو، خدا جي ويجهو وڃو ته هو به اوهان جي ويجهو ايندو. [ يعقوب ٤ : ٧-٨ الف ]

تنهنڪري جڏهن ٻار گوشت ۽ رت ۾ شريڪ آهن، تڏهن هو پاڻ به ساڳيءَ طرح انهي ۾ ڀائيوار آهي، ته جنهن کي موت تي اختيار هو تنهن کي يعني شيطان کي، موت جي وسيلي نيست ڪري. [ عبراني ٢ : ١٤ ]

اسان کي مسيح جي پيار کان ڪوبه جدا ڪري نٿو سگهي ڀوڙي جو اسين مصيبت يا تنگيءَ ۾ هجون، اسان کي ستايو وڃي يا اسين بک، غريبي ۽ خطري ۾ هجون يا اسان کي ماريو وڃي. پر جنهن اسان کي پيار ڪيو تنهن جي وسيلي انهن سڀني ڳالهين ۾ اسان جي مڪمل فتح آهي.
[ رومين ٨ : ٣٥ ۽ ٣٧ ]

جيڪو گناه ٿو ڪري سو شيطان مان آهي، ڇالاءِ ته شيطان شروعات کان وٺي گناه ڪندو اچي. خدا جو فرزند انهي مطلب لاءِ ظاهر ٿيو ته هو شيطان جي ڪمن کي برباد ڪري. [ ١- يوحنا ٣ : ٨ ]

# محبت شاگرديءَ جي پرک

جيڪڏهن ڪو ماڻهو چوي ته آءٌ خدا کي پيار ٿو ڪريان ۽ پنهنجي ڀاءُ سان دشمني ٿو رکي، ته اهو ڪوڙو آهي ڇالاءِ جو جيڪو پنهنجي ڀاءُ کي پيار نٿو ڪري جنهن کي هن ڏٺو آهي، سو خدا کي پيار ڪري ڪين سگهندو، جنهن کي هن ڏٺو ئي ڪينهي. [١- يوحنا ٤: ٢٠]

جيڪڏهن آءٌ ماڻهن توڙي ملائڪن جون ٻوليون ڳالهايان پر محبت نه هجيم، ته آءٌ وڄندڙ پتل يا ڇڻڪندڙ جهانجهه آهيان. [١- ڪرنٿين ١٣: ١]

جيڪڏهن اوهين هڪٻئي سان پيار ڪندا ته ٻوءِ سڀني کي خبر پوندي ته اوهين منهنجا شاگرد آهيو.
[يوحنا ١٣: ٣٥]

پر روح جو ڦل آهي. محبت، خوشي، اطمينان، صبر، مهرباني، نيڪي، ايمانداري، نماڻائي، پرهيزگاري.
[گلتين ٥: ٢٢-٢٣ الف]

وري ٻيو دفعو عيسيٰ هن کي چيو ته اي شمعون، يوحنا جا پٽ، ڇا تون مون سان پيار ڪرين ٿو؟ هن وراڻيو ته هائو خداوند، توکي خبر آهي ته آءٌ توسان پيار ڪريان ٿو. تنهن تي عيسيٰ کيس چيو ته منهنجن رڍن جي سنڀال ڪج.
[يوحنا ٢١: ١٦]

اسين ڄاڻون ٿا ته موت مان نڪري زندگيءَ ۾ آيا آهيون، ڇالاءِ جو اسين ڀائرن کي پيار ٿا ڪريون. جيڪو پيار نٿو ڪري سو موت ۾ ٿو رهي. [١- يوحنا ٣: ١٤]

# مسيح جو وري جيئرو ٿيڻ

اسين انهن سڀني ڪمن جا شاهد آهيون جيڪي هن يهودين جي ملڪ ۽ يروشلم ۾ ڪيا هئا، پر انهن کيس صليب تي چاڙهي ڪوڪا هڻي ماريو. خدا کيس مئان مان ٽئين ڏينهن تي وري جيئرو ڪيو ۽ پڌرو ڪري ڏيکاريو، سڄيءَ اُمت کي نه، بلڪ انهن شاهدن کي جن کي خدا اڳي ئي چونڊيو هو، يعني اسان کي. اسين ئي ساڻس گڏ کائيندا پيئندا هئاسون جڏهن خدا کيس وري جيئرو ڪري اٿاريو هو.
[رسولن جا ڪم ١٠: ٣٩-٤١]

اسان جي گناهن جي لاءِ هن کي موت جي حوالي ڪيو ويو ۽ وري کيس جيئرو ڪيو ويو ته جيئن هو اسان کي خدا ڏانهن سچار بڻائي. [رومين ٤: ٢٥]

هفتي کان پوءِ وري شاگرد گهر ۾ ويٺا هئا ۽ توما به ساڻن گڏ ويٺو هو. گهر جا دروازا بند هئا، پر عيسيٰ اچي سندن وچ ۾ بيٺو ۽ چيائين ته اسلام عليڪم. پوءِ هن توما کي چيو ته اچ ۽ پنهنجي آڱر هيڏانهن ڪري منهنجا هٿ ڏس ۽ پنهنجو هٿ هيڏانهن منهنجي پاسي ۾ وجهه. بي ايمان نه ٿيءُ پر ايمان آڻ. تنهن تي توما چيس ته اي منهنجا خداوند، اي منهنجا خدا. [يوحنا ٢٠: ٢٦-٢٨]

عيسيٰ آچر جي صبح جو سوير جيئري ٿيڻ کان پوءِ پهريون دفعو مريم مگدلينيءَ کي ڏيکاري ڏني جنهن مان هُن ست ڀوت ڪڍيا هئا. [مرقس ١٦: ٩]

# قيامت مسيح اسان لاءِ جلالي اميد

انهيءَ وقت کان پوءِ عيسيٰ پنهنجن شاگردن کي کليو کلايو چئي ڇڏيو تہ آءٌ يروشلم ضرور ويندس ۽ اتي بزرگن، سردار ڪاهنن ۽ شريعت جي عالمن جون گهڻيون سختيون سهندس. مون کي ماريو ويندو ۽ ٽئين ڏينهن تي وري جيئرو ٿي اٿندس.
[متي ١٦ : ٢١]

آءٌ اوهان کي سچ ٿو ٻڌايان تہ اها گهڙي اچي چڪي آهي، جڏهن مئل خدا جي فرزند جو آواز ٻڌندا ۽ جيڪي ٻڌندا سي جيئرا ٿيندا. انهيءَ ڳالهہ تي حيران نہ ٿيو ڇاڪاڻ تہ اها گهڙي اچي رهي آهي جڏهن سڀيئي قبرن وارا سندس آواز ٻڌندا، ۽ قبرن مان نڪري ايندا. پوءِ جن چڱا ڪم ڪيا آهن سي اٿاريا ويندا ۽ کين زندگي ملندي، پر جن بڇڙا ڪم ڪيا آهن سي بہ اٿاريا ويندا ۽ کين سزا ملندي.
[يوحنا ٥ : ٢٥ ۽ ٢٨-٢٩]

ڇا اها اوهان کي خبر نہ آهي تہ اسان جيڪي بہ بپتسما وٺي عيسيٰ مسيح سان گڏجي هڪ ٿيا هئاسين انهيءَ ئي بپتسما سان سندس مرڻ ۾ بہ هڪ ٿيا هئا؟ تنهنڪري اسين سندس مرڻ ۾ بپتسما جي وسيلي هن سان گڏ دفن ٿي ويا هئاسين، انهيءَ لاءِ تہ جيئن مسيح پنهنجي پيءُ جي جلوي سان مئلن مان جياريو ويو تيئن اسين بہ نئين زندگيءَ ۾ گذاريون.

جيڪڏهن اسين مسيح جي مرڻ ۾ ساڻس گڏ شامل هئاسين تہ ساڳيءَ طرح سندس جيئري ٿي اٿڻ ۾ بہ ساڻس ضرور شامل ٿينداسين. [رومين ٦ : ٣-٥]

# خداوند جي حضور ۾ پاڪيزگي

اسان کي دشمنن جي چنبي مان آزاد ڪري ۽ اجازت ڏئي ته اسين سندس بي خوف عبادت ڪريون، ۽ هن جي اڳيان پنهنجي سڄي حياتيءَ جا ڏينهن پاڪ ۽ نيڪ هجون. [لوقا ۱ : ۷۴-۷۵]

تنهنڪري اي پيارو، جڏهن اسان سان اهڙا واعدا ڪيا ويا آهن، تڏهن اچو ته اسين پاڻ کي هر طرح جي جسماني ۽ روحاني ناپاڪيءَ کان پاڪ ڪريون ۽ خدا جو خوف رکي پاڪيزگيءَ ۾ ڪامل ٿيون. [۲- ڪرنٿين ۷ : ۱]

تنهنڪري جيڪڏهن ڪو ماڻهو پاڻ کي ذليل ڪمن کان پاڪ ٿو رکي ته عزت جو ٿانو ۽ پاڪ ٿيندو، ۽ ڌڻيءَ جي ڪم جو لائق ۽ سڀڪنهن چڱي ڪم جي لاءِ تيار ٿيندو. [۲- تيمٿيس ۲ : ۲۱]

پر جيئن اوهان کي سڏڻ وارو پاڪ آهي، تيئن اوهين به هر طرح جي هلت چلت ۾ پاڪ ٿيو. [۱- پطرس ۱ : ۱۵]

۽ جيڪي خدا پيءُ جي سابق علم موجب چونڊيا ويا آهن، ته روح جي پاڪ ڪرڻ سان فرمانبردار ٿين، ۽ عيسيٰ مسيح جي رت ڇٽڪارڻ ڪري مخصوص ٿين. شل اوهان تي فضل ۽ اطمينان وڌندو رهي. [۱- پطرس ۱ : ۲]

# خداوند جي حضور ۾ پاڪيزگي

اتي هڪڙو شاهي رستو جاري ٿيندو، هڪڙو رستو جو پاڪيزگيءَ جو رستو سڏجڻ ۾ ايندو، ڪوبہ ناپاڪ انهيءَ تان نہ لنگهندو، پر اهو انهن مسافرن جي لاءِ ٿيندو، هاڻو بي عقل بہ انهي تي نہ ڀلبا. [ يسعياه ٣٥ : ٨ ]

تنهنڪري عيسيٰ بہ پنهنجي اُمت کي پاڻ پنهنجي رت جي وسيلي پاڪ ڪرڻ لاءِ دروازي جي ٻاهر ڏک سٺا.
[ عبراني ١٣ : ١٢ ]

جي اسين پنهنجا گناه ٻاسيداسين تہ هو اسان جا گناه معاف ڪرڻ، ۽ اسان کي سموري ناراستيءَ کان پاڪ ڪرڻ ۾ سچو ۽ عادل آهي. [ ١- يوحنا ١ : ٩ ]

آءٌ اوهان کي پاڻي سان ٻپتسما ٿو ڏيان ان لاءِ تہ اوهان گناهن کان توبہ ڪئي آهي. پر جيڪو مون کان پوءِ ايندو اهو اوهان کي پاڪ روح ۽ باه سان ٻپتسما ڏيندو. هو مون کان وڌيڪ قدرت وارو آهي. آءٌ سندس جتي کڻڻ جي لائق بہ نہ آهيان. [ متي ٣ : ١١ ]

جيئن تہ هن اسان کي جهان جي شروعات کان اڳ ۾ هن ۾ چونڊي ڪڍيو تہ اسين سندس اڳيان محبت ۾ پاڪ ۽ بي عيب ٿيون. [ افسين ١ : ٤ ]

# روح سان ڀرپور ماڻهو

جيڪڏهن اوهين باوجود بڇڙا هئڻ جي، پنهنجن ٻارن کي چڱيون شيون ڏيڻ ڄاڻو ٿا ته اوهان جو آسمان وارو پيءُ ڪيترو نه وڌيڪ انهن کي پاڪ روح ڏيندو جيڪي کانئس گهرندا. [لوقا ١١ : ١٣]

پر جڏهن پاڪ روح اوهان تي نازل ٿيندو، تڏهن اوهان کي طاقت ملندي ۽ اوهين منهنجا شاهد ٿيندا.
[رسولن جا ڪم ١ : ٨]

۽ آءٌ پنهنجو روح اوهان ۾ وجهندس، ۽ اوهان کي پنهنجي قانونن تي هلائيندس، ۽ اوهين منهنجن حڪمن جي سنڀال ڪندا ۽ انهن تي عمل ڪندا. [حزقي ايل ٣٦ : ٢٧]

اوهين انساني فطرت نه پر پاڪ روح موجب هلو ٿا، بشرطيڪ اوهان ۾ خدا جو روح رهي. جنهن ماڻهوءَ ۾ مسيح جو روح نه آهي، سو مسيح جو نه آهي. [رومين ٨ : ٩]

انطاڪيه جا شاگرد خوشيءَ سان ۽ پاڪ روح سان ڀرجي ويا. [رسولن جا ڪم ١٣ : ٥٢]

جڏهن انهن دعا گهري پوري ڪئي ته اها جاءِ ڏڌي ويئي جتي هو گڏ ٿيا هئا. اهي سڀيئي پاڪ روح سان ڀرجي ويا ۽ خدا جو ڪلام بي ڊپا ٿي ٻڌائڻ لڳا.
[رسولن جا ڪم ٤ : ٣١]

# مسيحين لاءِ عجيب واعدا

جيڪي دل شڪستا آهن تن کي خداوند ويجهو آهي، ۽ جيڪي توبه ٿا ڪن تن کي بچائي ٿو. [زبور ٣٤ : ١٨]

اهي سڀ شيون منهنجن هٿن جوڙيون آهن، ۽ انهيءَ طرح هستيءَ ۾ آيون آهن. پر آءٌ انهيءَ ماڻهو تي نظر ڪندس جو غريب ۽ پشيمان روح وارو آهي.
[يسعياه ٦٦ : ٢]

۽ سندن اکين مان سڀ ڳوڙها اُگهي ڇڏيندو، ۽ موت ٿيندو ئي ڪونه، نڪو وري ماتم ٿيندو، ۽ نڪو روئڻ نڪو سور، ڇورريون حالتون گذري ويون آهن. [مڪاشفو ٢١ : ٤]

تون خداوند تي ڀروسو رکي ڀلائي ڪر، ۽ ملڪ ۾ رهي ايمانداريءَ سان هل. [زبور ٣٧ : ٣]

اي پيارو مصيبت جي باه جا اوهان جي آزمائش لاءِ اوهان تي آئي آهي، تنهن بابت تعجب نه ڪريو، ته ڄڻ ڪا عجيب ڳالهه اوهان تي اچي پيئي آهي. پر جيئن جيئن اوهين مسيح جي ڏکن ۾ شريڪ ٿا ٿيو تيئن تيئن خوشي ڪريو ته سندس جلال جي ظهور جي وقت به ڏاڍا خوش ۽ سرها ٿيو. [١- پطرس ٤ : ١٢-١٣]

اسان کي خبر آهي ته خدا سڀني شين ۾ انهن ماڻهن لاءِ ڀلائي رکي ٿو جيڪي سائس پيار ڪن ٿا ۽ سندس مقصد لاءِ چونڊيا ويا آهن. [رومين ٨ : ٢٨]

# آزمائش ۾ واعدا

چو جو جڏهن هو پاڻ آزمايو ويو ۽ ڏک سٺائين تڏهن پيا جيڪي آزمائش ۾ پون ٿا، تن جي به مدد ڪري ٿو سگهي۔ [عبراني ٢ : ١٨]

۽ پوءِ خدا جيڪو اطمينان ڏيڻ وارو آهي سو شيطان کي جلدئي اوهان جي پيرن هيٺ لتاڙي ڇڏيندو۔ اسان جي خداوند عيسيٰ مسيح جو فضل شل اوهان سڀني تي هجي۔
[رومين ١٦ : ٢٠]

راستباز جا ڏک گهڻيئي آهن۔ پر خداوند هن کي انهن سڀني کان ڇڏائي ٿو۔ [زبور ٣٤ : ١٩]

جڏهن تون پاڻيءَ مان لنگهندين، تڏهن آءٌ توسان هوندس، ۽ جڏهن ندين مان لنگهندين، تڏهن اهي توتي اٿلي نه پونديون۔ جڏهن تون باه مان لنگهندين، تڏهن نه سڙندين، نڪي توتي مچ پرندو۔ [يسعياه ٤٣ : ٢]

اوهان تي ڪا اهڙي آزمائش ڪانه اچي پيئي آهي جا انسان سهي نه سگهي: پر خدا سچو آهي، ۽ جيترو اوهين سهي ٿا سگهو تنهن کان وڌيڪ آزمائش ۾ اوهان کي پوڻ ڪين ڏيندو، پر آزمائش سان گڏ بچي نڪرڻ جو رستو به ڏاهي ڏيندو، ته آها اوهين برداشت ڪري سگهو۔
[١- ڪرنٿين ١٠ : ١٣]

# غالب اچڻ وارن سان واعدا

جيڪو غالب پوندو تنهن کي آءٌ پنهنجي خدا جي هيڪل ۾ ٿنڀ وانگر ڪندس، ۽ هو وري اُتان ڪڏهن به ٻاهر ڪين نڪرندو. آءٌ انهي تي پنهنجي خدا جو نالو ۽ پنهنجي خدا جي شهر جو نالو يعني نئون يروشلم، جو منهنجي خدا وٽان آسمان مان لهي هيٺ ايندو، ۽ خود پنهنجو نالو لکندس. [مڪاشفو ٣ : ١٢]

جيڪو غالب پوندو تنهن کي انهيءَ طرح اڇا ڪپڙا ڍڪايا ويندا، ۽ آءٌ سندس نالو زندگيءَ جي ڪتاب مان اصل ڪڍي نہ ڇڏيندس، ۽ آءٌ سندس نالو پنهنجي پيءُ جي اڳيان ۽ سندس ملائڪن جي اڳيان قبول ڪندس.

[مڪاشفو ٣ : ٥]

جيڪو غالب پوندو تنهن کي آءٌ پنهنجي تخت تي پاڻ سان وهاريندس، جهڙي طرح ڪ آءٌ پاڻ به غالب پيس ۽ پنهنجي پيءُ سان گڏ سندس تخت تي ويٺس.

[مڪاشفو ٣ : ٢١]

جيڪو غالب پوندو سو هنن شين جو وارث ٿيندو، آءٌ انهي جو خدا ٿيندس ۽ هو منهنجو فرزند ٿيندو.

[مڪاشفو ٢١ : ٧]

# طلاق بابت خدا اسان سان ڳالهايو

جيڪي پرڻيل آهن تن کي آءٌ نه، پر خداوند حڪم ٿو ڏئي، ته زال پنهنجي مڙس کان ڌار نه ٿئي. (پر جي ڪڏهن ڌار ٿئي ته وري نه پرڻجي، يا وري پنهنجي مڙس سان پرچي وڃي) ۽ مڙس زال کي طلاق نه ڏئي. [١- ڪرنٿين ٧: ١٠-١١]

جيڪو به پنهنجي زال کي طلاق ڏئي ٿو ۽ ٻيءَ عورت سان شادي ٿو ڪري تنهن ڇنڊ زنا ڪيو، ۽ جيڪو مڙس جي طلاق ڏنل عورت سان شادي ٿو ڪري تنهن به ڇنڊ زنا ڪيو. [لوقا ١٦: ١٨]

مثلاً شريعت موجب زال مڙس سان سندس حياتيءَ تائين ٻڌل رهي ٿي، پر جيڪڏهن اهو مڙس مري وڃي ته هوءَ سندس نڪاح کان ڇٽل آهي. جيڪڏهن اها عورت مڙس جي جيئري ئي ڪنهن ٻئي مرد سان لاڳاپا رکي ٿي ته اها عورت زناڪار سڏبي. پر جيڪڏهن سندس مڙس مري وڃي ته هوءَ شريعت موجب آزاد آهي ۽ پوءِ جيڪڏهن ڪنهن به مرد سان شادي ڪري ٿي ته اها عورت زناڪار نه سڏبي.
[رومين ٧: ٢-٣]

پر هاڻي آءٌ اوهان کي سچ ٿو ٻڌايان ته جيڪو به پنهنجي زال کي زنا جي ڏوهه جي سبب کان سواءِ طلاق ٿو ڏئي، سو ڇنڊ ته هن کي زنا ٿو ڪرائي ۽ جيڪو انهيءَ طلاق ڏنل زال سان وري پرڻبو سو به زنا ڪندو.
[متي ٥: ٣٢]

# مسيح جي آمدڻاني

جڏهن آءٌ وڃي اوهان جي لاءِ جاءِ تيار ڪندس ته پوءِ موٽي ايندس ۽ اوهان کي به پاڻ سان گڏ وٺي ويندس ته جتي آءٌ آهيان اُتي اوهين به هجو. [يوحنا ١٤ : ٣]

آءٌ جلد اچڻو آهيان. جيڪي تو وٽ آهي سو سنڀالي رک، ته ڪو به تنهنجو تاج ڦري نه وٺي. [مڪاشفو ٣ : ١١]

جيڪڏهن ڪو هن بي ايمان ۽ بڇڙي زماني ۾ مون کان ۽ منهنجي ڪلام کان شرمائيندو ته ابن آدم به ان کان شرمائيندو جڏهن هو پنهنجي پيءُ جي جلوي ۾ پاڪ ملائڪن سان گڏ ايندو. [مرقس ٨ : ٣٨]

پوءِ ابن آدم جي نشاني آسمان ۾ ظاهر ٿيندي. تنهن تي دنيا جون سڀيئي قومون روئنديون ۽ اهي ابن آدم کي آسمان جي ڪڪرن ۾ قدرت ۽ وڏي جلوي سان ايندي ڏسنديون.
[متي ٢٤ : ٣٠]

اوهين به صبر ڪريو، پنهنجون دليون مضبوط ڪريو: ڇالاءِ جو خداوند جو اچڻ ويجهو آهي. [يعقوب ٥ : ٨]

ڇالاءِ جو ابن آدم جو اچڻ ان کنوڻ وانگر ٿيندو جيڪا سڄي آسمان ۾ اوير کان اولهه تائين چمڪندي آهي.
[متي ٢٤ : ٢٧]

# مسيح جي آمد ثاني

اي پيارو، هاڻي اسين خدا جا ٻار آهيون، ۽ اڃا اها ڳالهہ ظاهر ڪانہ ٿي آهي، تہ اسين ڇا ٿينداسين. پر ايترو ڄاڻون ٿا تہ جڏهن هو ظاهر ٿيندو تڏهن اسين بہ ان جهڙا ٿينداسين.
[۱- يوحنا ۳ : ۲]

(ڏسو آءٌ ائين ٿو اچان جيئن چور ايندو آهي، مبارڪ آهي اهو جو سجاڳ ٿو رهي، ۽ پنهنجي پوشاڪ جي سنڀال ٿو ڪري، تہ متان اگهاڙو ٿئي ۽ ماڻهو سندس اوگهڙ ڏسن.)
[مڪاشفو ۱٦ : ۱۵]

تنهنڪري اوهين بہ تيار رهو ڇو تہ اها گهڙي الائجي ڪهڙي هوندي جنهن ۾ ابن آدم اچي سهڙندو.
[لوقا ۱۲ : ۴۰]

۽ چيائون تہ اي گليليو، اوهين آسمان ڏانهن ڇو بيٺا نهاريو؟ اِهو يسوع، جو اوهان وٽان آسمان ۾ چاڙهيو ويو آهي، سو جيئن اوهان هنڪي آسمان ڏانهن ويندو ڏٺو، تيئن وري بہ اوهان وٽ ايندو.
[رسولن جا ڪم ۱ : ۱۱]

تڏهن آهي ابن آدم کي قدرت ۽ شان شوڪت سان ڪڪر ۾ ايندو ڏسندا.
[لوقا ۲۱ : ۲۷]

# خدا جو ڪلام

زمين ۽ آسمان ٽري ويندا پر منهنجو ڪلام هرگز نه ٽرندو. [لوقا ٢١: ٣٣]

عيسيٰ انهن کي جواب ڏنو ته اوهين ڪيترا نه ڀليل آهيو جو نه اوهين پاڪ لکيتون ٿا ڄاڻو ۽ نڪي خدا جي قدرت. [متي ٢٢: ٢٩]

ڇالاءِ جو ڪابه پيشنگوئي ڪڏهن به ماڻهوءَ جي مرضيءَ موجب ڪانه ٿي، پر ماڻهو پاڪ روح جي چورڻ تي خدا جي طرفان ڳالهائيندا هئا. [٢- پطرس ١: ٢١]

هر ڪا لکيت، جا خدا جي الهام سان آهي سا تعليم، ۽ ڏوراپي ۽ سڌاري، ۽ راستبازيءَ جي سيکارڻ لاءِ فائدي واري آهي. [٢- تيمٿيس ٣: ١٦]

مون تنهنجو ڪلام پنهنجيءَ دل ۾ رکيو آهي، ته آءٌ تنهنجي برخلاف گناه نه ڪريان. [زبور ١١٩: ١١]

تنهنجو ڪلام منهنجي وات لاءِ روشني، ۽ منهنجي پيرن لاءِ ڏيئو آهي. [زبور ١١٩: ١٠٥]

# والٽس گڊمين

## وڪرو نہ ڪجي

Read booklets online or by App
www.wmp-readonline.org